SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 2008
# SINDH ACT NO.VI OF 2008

## شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو ايڪٽ، 2008
## THE SHAHEED MOHTARMA BENAZIR BHUTTO MEDICAL UNIVERSITY LARKANA ACT, 2008

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. هيئت
Incorporation

4. يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the University

5. يونيورسٽي سمورن درجن، طبقن وغيره لاءِ کليل هوندي
University open to all classes, creeds, etc

6. يونيورسٽي ۾ تدريس
Teaching at the University

7. يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University

8. چانسلر
Chancellor

9. سينيٽ مان برطرفي
Removal from the Senate
10. وائيس چانسيلر
Vice Chancellor
11. وائيس چانسيلر جي مقرري ۽ برطرفي
Appointment and removal of the Vice Chancellor
12. رجسٽرار
Registrar
13. خزانچي
Treasurer
14. امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller of Examinations
15. اٿارٽيز
Authorities
16. سينيٽ
Senate
17. سينيٽ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Senate
18. معائنو
Visitation
19. سنڊيڪيٽ
The Syndicate
20. سنڊيڪيٽ جا اختيار ۽ ذميداريون
Powers and duties of Syndicate
21. اڪيڊمڪ ڪائونسل

Academic Council

22. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Academic Council

23. ريپريزنٽيشن ڪميٽيز

Representation Committees

24. ڪجھ اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري

Appointment of committees by certain Authorities

25. اسٽيچوٽس

Statutes

26. ضابطا

Regulations

27. اسٽيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي

Amendment and repeal of statutes and regulations

28. قاعدا

Rules

29. يونيورسٽي فنڊ

University Fund

30. آڊٽ ۽ اڪائونٽس

Audit and Accounts

31. سبب ڄاڻائڻ جو موقعو

Opportunity to show case

32. سنڊيڪيٽ کي اپيل ۽ ان طرفان نظرثاني

Appeal to and review by the Syndicate

33. يونيورسٽي جي ملازمت

Service of the university

34. فائدا ۽ انشورنس
Benefits and insurance
35. اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات
Commencement of term of office of members of Authorities
36. اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي
Filling of Casual Vacancies in authorities
37. اٿارٽيز جي جوڙجڪ ۾ خرابيون
Flaws in the constitution of Authorities
38. اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر ٿيڻ
Proceedings of the Authorities and invalidated by vacancies
39. فرسٽ اسٽيچوٽس ۽ ضابطا
First Statutes and regulations
40. رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties
41. ضمانت
Indemnity
42. سرڪار کي سرڪاري ملازمن، ٻين يونيورسٽيز يا تعليمي يا تحقيقي ادارن جي ملازمن جي يونيورسٽي ۾ مقرري جي اجازت جو اختيار
Power to allow appointment of employees of Government, other universities or educational or research institutions to the University

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 2008

# SINDH ACT NO.VI OF 2008

## شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو ايڪٽ، 2008

## THE SHAHEED MOHTARMA BENAZIR BHUTTO MEDICAL UNIVERSITY LARKANA ACT, 2008

[18 آڪٽوبر 2008]

ايڪٽ جنهن ذريعي شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جو قيام ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪري هن ريت جوڙي عمل ۾ آندو ويندو:

### باب _I

### شروعاتي

### Chapter_I

### Preliminary

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي، لاڙڪاڻو ايڪٽ، 2008 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(i) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي

اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(ii) "الحاق شده ڪاليج" مطلب يونيورسٽي سان الحاق ٿيل ڪاليج پر ان طرفان سنڀاليو يا هلايو نہ وڃي؛

(iii) "اٿارٽي" مطلب هن ايڪٽ تحت بيان ڪيل يا جوڙيل يونيورسٽي جي اٿارٽيز مان ڪا هڪ؛

(iv) "چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛

(v) "ڪاليج" مطلب هڪ جوڙيل ڪاليج يا الحاق ٿيل ڪاليج؛

(vi) "ڪميشن" مطلب هائير ايجوڪيشن ڪميشن؛

(vii) "جوڙيل ڪاليج" مطلب ڪاليج جيڪو يونيورسٽي طرفان سنڀاليو ۽ انتظام ڪيو وڃي؛

(viii) "ڊين" مطلب فيڪلٽي جو سربراهہ؛

(ix) "شعبو" مطلب بيان ڪيل طريقيڪار موجب يونيورسٽي جو سنڀاليل، انتظام هيٺ رکيل يا سڃاڻپ ڏنل تدريسي شعبو؛

(x) "ڊائريڪٽر" مطلب يونيورسٽي طرفان جوڙيل اداري طور قائم ڪيل اداري جو سربراهہ؛

(xi) "فيڪلٽي" مطلب يونيورسٽي جي فيڪلٽي؛

(xii) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(xiii) "بيان ڪيل" مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن ۾ بيان ڪيل؛

(xiv) "پرنسپال" مطلب ڪاليج جو سربراهہ؛

(xv) "ريپريزنٽينشن ڪميٽي" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ريپريزنٽيشن ڪميٽي؛

(xvi) "روبو پينل" مطلب هن ايڪٽ جي گنجائش تحت چانسلر طرفان جوڙيل روبو پينل؛

(xvii) "جاچ ڪميٽي" هن ايڪٽ تحت جوڙيل جاچ ڪميٽي؛

(xviii) "سينيٽ" مطلب يونيورسٽي جي سينيٽ؛

(xix) "قانون، ضابطا ۽ قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا؛

(xx) "سنڊيڪيٽ" مطلب يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ؛

(xxi) "استاد" جنهن ۾ شامل آهن يونيورسٽي يا ڪاليج طرفان ڊگري، آنرس يا پوسٽ گريجوئيٽ ڪلاسز لاءِ ڪل وقتي مقرر ڪيل پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر، اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي ضابطن ۾ استاد طور واضح ڪيا وڃن؛

(xxii) "يونيورسٽي" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو ۽ ڊگري ڏيندڙ ادارو هوندي؛

(xxiii) "يونيورسٽي استاد" مطلب يونيورسٽي طرفان مقرر ڪيل يا پگهار تي رکيل هڪ ڪل وقتي استاد يا يونيورسٽي طرفان اهڙيءَ ريت سڃاڻپ ڏنل؛ ۽

(xxiv) "وائيس چانسلر" مطلب يونيورسٽي جو وائيس چانسلر.

## باب –II

## يونيورسٽي

# Chapter_II
## The University

هيئت
Incorporation

3.(1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو قائم ڪئي ويندي.

(2) يونيورسٽي مشتمل هوندي:

(i) چانسلر؛

(ii) وائيس چانسلر؛

(iii) سينيٽ جا ميمبرس؛

(iv) يونيورسٽي جي اٿارٽيز جا ميمبرس؛

(v) سمورا يونيورسٽي استاد ۽ شاگرد؛ ۽

(vi) يونيورسٽي جي عملي جا ٻيا سمورا عملدار ۽ ميمبرس.

(3) يونيورسٽي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو جي نالي سان هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندي, جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(4) يونيورسٽي ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ, ليز تي وٺڻ, وڪرو ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ ڪنهن متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت کي منتقل ڪرڻ لاءِ مجاز هوندي, جيڪا ان ۾ شامل هجي يا ان طرفان حاصل ڪئي وئي هجي.

(5) جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي يونيورسٽي کي اڪيڊمڪ, مالياتي ۽

انتظامي اختيار هوندا، بشمول اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب عملدار، استاد ۽ ٻيا ملازم ڀرتي ڪرڻ جي، هن ايڪٽ تحت يا ڪميشن ذريعي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، خاص طور تي ۽ يونيورسٽي کي قانون موجب مليل اختيارن سان تضاد ڪانسواءِ، حڪومت يا ڪا اٿارٽي يا حڪومت طرفان مقرر ڪيل آڊيٽر کي يونيورسٽي جي سالياني بجيٽ ۾ سينيٽ طرفان منظور ڪيل وسيلن جي جاري ڪرڻ واري پاليسي تي سوال اٿارڻ جو اختيار نہ هوندو.

(6) ڪنهن بہ قسم جون سموريون ملڪيتون، حق ۽ واسطا جيڪي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج، لاڙڪاڻو، چانڊڪا ڊينٽل ڪاليج لاڙڪاڻو، غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج سکر، گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز، گمبٽ ۽ انهن ڏانهن قانوني طور مالڪيءَ هيٺ رکيل هئا يا تحويل ۾ هئا، قبضي ۾ هئا، موجود هئا اهي سڀ بہ يونيورسٽي ڏانهن منتقل ٿي ويندا.

(7) چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو، چانڊڪا ڊينٽل ڪاليج لاڙڪاڻو، غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج سکر، گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز، گمبٽ ۾ ملازمت ڪندڙ سمورا ماڻهو ڪنهن بہ حيثيت ۾ هجن هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي فوري بعد، جيڪڏهن ڪجھ ڪنهن قانون ۽ شرطن ۽ ضابطن جي خلاف نہ هجي، انهن جي ملازمت اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت يونيورسٽيءَ ڏانهن منتقل ٿي ويندي،

جيئن بيان ڪيو ويو هجي:
بشرطيڪ اهڙا شرط ۽ ضابطا انهن کي بدلي کان اڳ ملندڙ شرط ۽ ضابطن کان گهٽ فائديمند نہ هوندا.

(8) دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (7) تحت يونيورسٽي ڏانهن بدلي ڪيل ڪو شخص، بشمول ان ماڻهو جي جيڪو بدلي ڪيو ويو هجي پر اهو يونيورسٽي ۾ حاضر نہ ٿيو هجي، اهو صحت ڪاتي، حڪومت سنڌ ۾ ملازمت تي تسليم ڪيو ويندو.

(9) ذيلي دفعہ (8) تحت رضامندي تي عمل ڪيو ويندو ۽ اهو يونيورسٽي شروع ٿيڻ جي نوي ڏينهن اندر حڪومت کي جمع ڪرايو ويندو ۽ اهڙيءَ ريت عمل ۾ آندل رضامندو حتمي هوندو.

(10) ذيلي دفعہ (9) ۾ جاڻايل رضامندي ملڻ تي حڪومت بدلي ڪري سگهي ٿي يا جيئن معاملو هجي، ان لاڳاپيل ماڻهو کي صحت ڪاتي، حڪومت سنڌ ۾ ملازمت جاري رکڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي.

يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the University

4. يونيورسٽي کي هيٺيان اختيار ۽ ڪم حاصل هوندا، جيڪي حڪومت طرفان وقت بوقت بيان ڪيل عام ضابطي ۽ هدايتن وجب استعمال ڪيل ۽ سرانجام ڏنا ويندا:

(i) تدريس جي اهڙين شاخن ۾ تعليم فراهم ڪرڻ، جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ معلومات جي اضافي ۽ ترقي لاءِ گنجائشون بڻائڻ، جيئن اهو طئي ڪري؛

(ii) پڙهائي جا ڪورس بيان ڪرڻ ۽ تحقيق ڪرڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(iii) داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ ۽ انهن ماڻهن کي جن ڇاڻايل شرطن موجب داخلا ورتي هجي ۽ امتحان پاس ڪيا هجن انهن کي سندون، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ؛

(iv) يونيورسٽي جي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا بيان ڪرڻ ۽ اهڙا شرطون ۽ ضابطا جوڙڻ جيڪي عام سرڪاري ملازمن لاءِ لاڳو شرطن ۽ ضابطن کان مختلف هجن؛

(v) جتي ضروري هجي ماڻهن کي ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مخصوص عرصي لاءِ مقرر ڪرڻ ۽ انهن جي مقرريءَ جا قاعدا بيان ڪرڻ؛

(vi) منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي ڊگريون يا ٻيا اعزاز ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(vii) اهڙن ماڻهن کي تعليم ڏيڻ ۽ سرٽيفڪيٽ ۽ ڊپلوماز ڏيڻ جيڪي يونيورسٽي جا شاگرد نہ هجن؛

(viii) يونيورسٽي ۽ ٻين يوبرسٽيز، تعليمي ادارن ۽ تحققي تنظيمن وچ ۾، ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر شاگردن ۽ استادن جي مٽا سٽا جا پروگرام جوڙڻ؛

(ix)شاگردن ۽ الومني کي پيشي بابت صلاحون ڏيڻ ۽ نوڪريون تلاش ڪرڻ واريون خدمتون مهيا ڪرڻ؛

(x) الومني سان رابطا برقرار رکڻ؛

(xi) فنڊ گڏ ڪرڻ جي منصوبن کي ترقي وٺرائڻ ۽ عمل درآمد ڪرڻ؛

(xii) يونيورسٽي جي فيڪلٽي جي تعليمي ترقي کي هٿي وٺرائڻ ۽ مدد ڪرڻ؛

(xiii)اھڙن ماڻھن کي سندون ڏيڻ جن بيان ڪيل شرطن موجب آزاداڻي تحقيق ڪئي ھجي؛

(xiv) تعليمي ادارن کي بيان ڪيل شرطن موجب الحاق ڏيڻ يا الحاق ختم ڪرڻ؛

(xv) الحاق ٿيل يا الحاق چاھيندڙ ڪاليجن يا ٻين تعليمي ادارن جي جاچ ڪرڻ؛

(xvi) ٻين يونيورسٽين يا سکيا جي ھنڌن تي پاس ڪيل امتحانن يا پڙھائي جي گذاريل عرصي کي يونيورسٽي جي امتحانن جي پڙھائي جي عرصي برابر قبول ڪرڻ يا اھڙي منظوري کي رد ڪرڻ؛

(xvii) ٻين يونيورسٽين ۽ اٿارٽين سان اھڙيءَ ريت ۽ اھڙن مقصدن لاءِ سھڪار ڪرڻ جيئن اھا طئي ڪري؛

(xviii) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسرشپس، اسسٽنٽ پروفيسرشپس ۽ ليڪچررشپس ۽ ٻيون آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻھو مقرر ڪرڻ؛

(xix) تحقيق، ترقي، انتظامي ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻھو مقرر ڪرڻ؛

(xx) يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخل ٿيل ڪاليجن يا تعليمي ادارن جي تدريسي عملي جي چونڊيل ميمبرن کي مڃتا ڏيڻ يا اھڙن ٻين ماڻھن کي يونيورسٽي جي استاد طور مڃتا ڏيڻ؛

(xxi) ضرورت مند شاگردن کي فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز برسريز ميڊلس ۽ انعام پيدا ڪرڻ ۽ ڏيڻ، جيئن شرطن ۾ بيان ڪيو ويو ھجي؛

(xxii سکيا ۽ تحقيق جي ترقي لاءِ تدريسي شعبا، اسڪول، ڪاليج، فيڪلٽيز ادارا، ميوزيمس ۽ ٻيا سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻ ۽ انهن جي مرمت، سار سنڀال ۽ هلائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(xxiii يونيورسٽي ۽ ڪاليجن جي شاگردن ۽ ملازمن لاءِ رهائش فراهم ڪرڻ، رهائش جا هالس جوڙڻ ۽ هاسٽلس ۽ رهائش جي منظوري ڏيڻ يا لائسنس ڏيڻ؛

(xxiv يونيورسٽي جي ڪيمپسز ۽ ڪاليجن جو انتظام، نظم و ضبط ۽ سڪيورٽي سنڀالڻ؛

(xxv يونيورسٽي جي شاگردن جي نظم و ضبط جي نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ، شاگردن جي اضافي نصابي ۽ تفريحي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ انهن جي صحت ۽ عام ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(xxvi اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(xxvii تحقيق ۽ صلاحڪاري خدمتن لاءِ گنجائش جوڙڻ ۽ انهن مقصدن لاءِ حڪومت، تنظيمن، ادارن، باڊيز ۽ فردن سان بيان ڪيل شرطن موجب انتظامن ۾ داخل ٿيڻ؛

(xxviii ٺيڪن ۾ شامل ٿيڻ، جاري رکڻ، تبديل يا رد ڪرڻ؛

(xxix گڏيل ٽيچنگ اسپتال ۽ اسپتال جي معاملن ۾ تدريس جي ۽ تربيت جي سڌاري لاءِ ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز جي انڊر گريجوئيٽ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ

تعليم کي هٿي وٺرائڻ ۽ نظرداري ڪرڻ؛
(xxx) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي ڪيل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين چندن کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن مناسب هجي؛
(xxxi) تحقيق ۽ ٻين ڪمن جي ڇپائي ۽ پڌرائيءَ جو بندوبست ڪرڻ؛ ۽
(xxxii) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ عمل ڪرڻ جيڪي مٿي ڄاڻايل اختيارن سان لاڳاپيل هجن يا نه، جيئن يونيورسٽي جا هڪ تعليمي، سکيا ۽ تحقيق واري هنڌ طور مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛

يونيورسٽي سمورن درجن، طبقن وغيره لاءِ کليل هوندي University open to all classes, creeds, etc

5. (1) يونيورسٽي ڪنهن به جنس يا مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڪنهن به رهائشي هنڌ سان هجي، جيڪي يونيورسٽي طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن ۾ تعليم وٺڻ جي داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن به شخص کي فقط جنس، مذهب، نسل، طبقي، ذات، درجي يا رنگ جي بنياد تي داخلا کان منع نه ڪيو ويندو.
(2)ڪنهن في يا چارج ۾ اضافو ساليانو بنيادن تي ساليانو ڏهه سيڪڙو کان وڌيڪ هوندو ته اهڙو اضافو خاص حالتن ۾ حڪومت جي منظوري کانسواءِ نه ڪيو ويندو.
(3) يونيورسٽي ضرورت مند شاگردن لاءِ مالي مدد جو پروگرام جوڙيندي، ان حد تائين جيئن سينيٽ طرفان وسيلا مهيا ڪيا وڃن، ته جيئن يونيورسٽي ۾ داخلا ۽ ان تائين پهچ ڏئي سگهجي ۽ ان سلسلي ۾ مختلف موقعا

| | |
|---|---|
| میرٽ ۽ قابليت جي بنياد تي ڏنا ويندا، بشرطيڪ يونيورسٽي سيلف فنانس اسڪيمون جوڙي سگهي ٿي جنهن ۾ سمورن اميدوارن جي ڏهہ سيڪڙو ڪان وڌيڪ شامل نہ هوندا ڪنهن بہ ڪمپس ۾ پڙهائي ويندڙ يا پڙهائي جي تحقيقي بنياد جا پروگرام شامل هوندا. | |
| 6. (1) مختلف ڪورسز ۾ سموري تسليم ٿيل تدريس يونيورسٽي يا ڪاليج طرفان بيان ڪيل طريقي موجب ڏني ويندي ۽ جنهن ۾ شامل ٿي سگهن ٿا، ليڪچرس، ٽيوٽوريلس، بحث مباحثا، سيمينار، مظاهرا، ان سان گڏوگڏ ليباريٽريز، ورڪشاپس، فارمس ۾ عملي ڪم ۽ سکيا جا ٻيا طريقا. | يونيورسٽي ۾ تدريس Teaching at the University |
| (2) تسليم ٿيل تدريس لاءِ ذميوار اٿارٽي اهڙي هوندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | |
| (3) ڪورسز ۽ نصاب اهڙو هوندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | |
| (4) طبي چڪاس ۽ سپورٽنگ اسپيشلٽيز جو تدريسي عملو، يونيورسٽي جي اندر ۽ پوسٽ گريجوئيٽ شاگردن جي پڙهائي ۽ تربيت سان گڏ واردن، آپريشن ٿيٽرز ۾ مريضن کي صحت جون سهولتون بہ فراهم ڪندا. آئوٽ پيشنٽ ڊپارٽمينٽس، ليباريٽريز ايڪس ريز رومز وغيره جيئن هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ هئا. | |
| (5) طبي چڪاس ۽ سپورٽنگ اسپيشلٽي يونٽس جو تدريسي عملو انهن جي لاڳاپيل شعبن ۾ مريضن جي | |

سارسنڀال جا ذميوار هوندا.

(6) تدريسي اسپتالن جي انتظاميه فيڪلٽي جي گهرجن موجب مريضن ڪي صحت جي سارسنڀال ڪرڻ جي ضرورت جي سموري انفرااسٽرڪچر جي گنجائشن لاءِ ذميوار هوندي.

(7) ٽيچنگ اسپتالن ۾ فيڪلٽي ۾ سموري انفرااسٽرڪچر ۽ ٽيچنگ ايڊس لاءِ طبي چڪاس، ۽ سپورٽنگ اسپيشلٽيز ۾ انڊر ۽ پوسٽ گريجوئيٽ تربيتي پروگرامن هلائڻ لاءِ يونيورسٽي جون اختياريون ذميواريون هونديون.

(8)ٽيچنگ اسپتالن جي احاطن ۾ آفيسون، تجربيگاهون ۽ ٻيون پڙهائي جون جايون هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ جيان فعال رهنديون. حڪومت وقت گذرڻ سان اهڙين پڙهاين جي جائين کي وڌائي ۽ تجربيگاهن کي يونيورسٽي جي تدريسي ۽ تربيتي پروگرامن کي گهرجن موجب وڌائي سگهي ٿي.

(9) سينيٽ سنڊيڪيٽ جي سفارش تي يونيورسٽي جي تدريسي ۽ تربيتي گهرجن ۽ ٽيچنگ اسپتال جي خدمتن جي فراهمي وارين گهرجن موجب سمورن فيڪلٽي ميمبرن لاءِ ڪم طئي ڪندي.

## باب _III

## يونيورسٽي جا عملدار

## Chapter_III

## Officers of the University

يونيورسٽي جا عملدار

7. يونيورسٽي جا هيٺيان عملدار هوندا:

| | |
|---|---|
| Officers of the University | (i) چانسلر؛<br>(ii) وائيس چانسلر؛<br>(iii) ڊينس؛<br>(iv) جوڙيل ڪاليجن جا پرنسپال؛<br>(v) تدريسي شعبن جا چيئرپرسنس؛<br>(vi) رجسٽرار؛<br>(vii) خزانچي،<br>(viii) امتحانن جو ڪنٽرولر؛ ۽<br>(ix) اهڙا ٻيا ماڻهو جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي. |
| چانسلر<br>Chancellor | 8. (1) سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو چانسلر ۽ سينيٽ جو چيئرپرسن هوندو.<br>(2) چانسلر، جڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۽ سينيٽ جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو.چانسيلر جي غير حاضري ۾ سينيٽ يونيورسٽيءَ جي ڪانووڪيشن جي صدارت لاءِ نامياري ماڻهو کي صدارت جي درخواست ڪندي.<br>(3) سينيٽ جا ميمبر چانسيلر طرفان حڪومت جي تجويز ڪيل ماڻهن منجهان چونڊيا ويندا يا ايڪٽ ۾ قانونن موجب حڪومت طرفان جوڙيل ريپريزنٽيشن ڪميٽي، جيئن معاملو هجي، انهن چونڊيلن سان گڏ.<br>(4) هر اعزازي ڊگري حڪومت جي سفارش تي چانسيلر کان تصديق بعد ڏني ويندي.<br>(5) جيڪڏهن چانسيلر مطمئن آهي تہ يونيورسٽي جي معاملن ۾ ڪا سنجيده لاقانونيت يا بدانتظامي ٿي آهي |

تہ اهو حڪومت کي آگاهہ ڪري سگهي ٿو ۽ حڪومت:

a) سينيٽ جي ڪارروائين بابت، مخصوص ڪارروائين تي ٻيهر غور ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو ۽ جاري ڪيل هدايت جي هڪ مهيني اندر خاص قدم کنيو ويندو:

بشرطيڪ جيڪڏهن چانسيلر مطمئن آهي تہ يا تہ ٻيهر غور سان مسئلو حل نہ ٿيو آهي تہ حڪومت سينيٽ کان لکت ۾ سبب طلب ڪري سگهي ٿي، جاچ ڪرڻ لاءِ پنج ميمبرن تي ٻڌل رويو پينل مقرر ڪري سگهي ٿي ۽ سينيٽ جي ڪارڪردگي بابت حڪومت کي رپورٽ ڪري سگهي ٿي. رويو پينل جي رپورٽ اهڙي وقت دوران جمع ڪرائي ويندي جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي. روييو پينل تعليمي ۽ قانون، اڪائونٽنسي ۽ انتظامي معاملن جي ميدان ۾ ناميارن ماڻهن تي مشتمل هوندو. ۽

b) ڪنهن اٿارٽي جي ڪارروائي جي سلسلي ۾ يا سينيٽ کانسواءِ ڪنهن ٻي اٿارٽي جي دائره اختيار ۾، دفعہ 17 تحت سينيٽ کي اختيار استعمال ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي.

**سينيٽ مان برطرفي**
**Removal from the Senate**

9. (1) چانسيلر رويو پينل جي سفارش تي ڪنهن بہ شخص کي سينيٽ جي ميمبرشپ تان هٽائي سگهي ٿو جيڪڏهن اهڙو شخص:

(b) ذهني توازن وڃائي ويهي ٿو، يا

(b) سينيٽ جي ميمبر طور ڪم ڪرڻ کان نااهل ٿي

وجي ٿو، يا

(c) جنهن کي قانون جي ڪنهن عدالت طرفان اخلاقي گستاخي جي ڏوهہ ۾ سزا ٻڌائي وئي هجي؛ يا

(d) حقيقي سبب کانسواءِ لاڳاتار ٻن گڏجاڻين ۾ غير حاضر رهيو هجي؛ يا

(e) بدعنواني جو ڏوهي هجي، بشمول ڪنهن بہ قسم جي ذاتي فائدي لاءِ حيثيت جي استعمال يا ڪمن جي ادائگي ۾ سستي ڪئي هجي.

(2) چانسيلر ڪنهن شخص کي سينيٽ جي ميمبر شپ تان سينيٽ جي ميمبرشپ جي گهٽ ۾ گهٽ ٽي پاڱي چار جي حمايت واري ٺهراءَ آڌر سان هٽائي سگهي ٿو:

بشرطيڪ اهڙو ٺهراءُ پاس ڪرڻ کان اڳ سينيٽ لاڳاپيل ميمبر کي منصفاڻي نموني ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪندي؛

بشرطيڪ وڌيڪ تہ هن دفعہ جون گنجائشون سينيٽ جي ميمبر جي حيثيت سان وائيس چانسيلر تي لاڳو نہ ٿينديون.

وائيس چانسيلر
Vice Chancellor

10. (1) هڪ وائيس چانسلر هوندو جيڪو ناميارو تعليم دان ۽ منفرد ايڊمنسٽريٽر هوندو ۽ چانسلر طرفان حڪومت جي مشوري تي مقرر ڪيو ويندو.

(2)وائيس چانسلر يونيورسٽي جو اعليٰ ترين تدريسي ۽ انتظامي آفيسر هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن ۽ قاعدن تي عمل ڪندي يونيورسٽي جي عام حيثيت ۽ بهتر صورتحال کي هٿي وٺرائيندو.

هن کي يونيورسٽي جي انتظامي ضابطي سميت سمورن عملدارن، استادن ۽ ملازمن تي سمورا ضروري اختيار حاصل هوندا.
(3) وائيس چانسيلر جيڪڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪنهن به اٿارٽي يا باڊي جي گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪري سگهي ٿو.
(4) وائيس چانسلر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو، جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، سندس قدم بابت عملدار، اٿارٽي يا باڊي کي رپورٽ ڪندو، جنهن کي عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.
(5)وائيس چانسلر کي اهي اختيار پڻ حاصل هوندا ته:
a) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي امتحانن، انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙين ٻين سرگرمين سان لاڳاپيل اهڙا ڪم ڪرڻ جي هدايت ڪرڻ جيئن اهو يونيورسٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي؛
b) غير متوقع ڪم لاءِ رقم منظور ڪرڻ جيڪا سينيٽ طرفان بيان ڪيل رقم کان وڌيڪ نه هجي يا رقم کي هڪ هيڊ مان ڪڍي ٻئي هيڊ ۾ رکڻ، جيڪو بجيٽ ۾ نه ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت سينيٽ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪرڻ؛
c) يونيورسٽي جي ملازمن جي اهڙين ڪيٽيگريز ۾ مقرريون ڪرڻ ۽ اهڙي طريقي جيئن قانونن ۾ بيان

ڪيو ويو هجي؛

d) بيان ڪيل طريقيڪار موجب عملدارن، استادن يا يونيورسٽي جي ٻين ملازمن سواءِ سينيٽ طرفان مقرر ڪيل يا سينيٽ جي منظوري سان مقرر ڪيلن جي انهن کي معطل ڪرڻ، سزا ڏيڻ يا برطرف ڪرڻ؛

e) يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازمن کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن، هن آرڊيننس تحت پنهنجي اختيارن منجهان ڪي اختيار منتقل ڪرڻ؛ ۽

f) اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(6) وائيس چانسيلر چانسيلر جي غير حاضري ۾ يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

(7) وائيس چانسيلر تعليمي سال پورو ٿيڻ جي ٽن مهينن اندر سينيٽ جي سامهون ساليانو رپورٽ پيش ڪندو. ساليانو رپورٽ ۾ غور هيٺ تعليمي سال بابت اهڙي معلومات پيش ڪئي ويندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي، جنهن ۾ هيٺين معاملن سان لاڳاپيل سموريون حقيقتون شامل هونديون:

a) اڪيڊمڪس؛

b) تحقيق؛

c) ايڊمنسٽريشن؛ ۽

d) ماليات.

(8) وائيس چانسيلر جي ساليانو رپورٽ سينيٽ ۾ پيش ڪرڻ کان اڳ سمورن عملدارن ۽ يونيورسٽي جي

استادن کي دستياب ڪئي ويندي ۽ ايتري انگ ۾ شايع ڪرائي ويندي جيئن ان جي وسيع سرڪيوليشن کي يقيني بڻائي سگهجي.

**وائيس چانسيلر جي مقرري ۽ برطرفي**

**Appointment and removal of the Vice Chancellor**

11. (1) وائيس چانسيلر چانسيلر طرفان حڪومت جي سفارشن جي بنياد تي مقرر ڪيو ويندو.

بشرطيڪ پهريون وائيس چانسيلر چانسيلر طرفان حڪومت جي سفارشن جي بنياد تي مقرر ڪيو ويندو.

(2) وائيس چانسيلر جي مقرري لاءِ موزون ماڻهن جي سفارش لاءِ حڪومت طرفان قانونن ۾ بيان ڪيل تاريخ ۽ طريقيڪار موجب هڪ سرچ ڪميٽي جوڙي ويندي، جيڪا حڪومت طرفان نامزد ڪيل سوسائٽي جي ٻن ناميارن ميمبرن تي مشتمل هوندي، جن مان هڪ کي ڪنوينر طور مقرر ڪيو ويندو، سينيٽ جا ٻه ميمبر، ٻه يونيورسٽيءَ جا منفرد استاد جيڪي سينيٽ جا ميمبر نه هوندا. ٻه منفرد يونيورسٽي جا استاد سينيٽ طرفان اهڙي طريقي چونديا ويندا جيئن سينيٽ طرفان بيان ڪيو ويو هجي، سرچ ڪميٽي اهڙي وقت تائين موجود رهندي جيستائين چانسيلر طرفان ٻيو وائيس چانسيلر مقرر نه ڪيو وڃي.

(3) سرچ ڪميٽي طرفان وائيس چانسيلر طور مقرري لاءِ تجويز ڪيل ماڻهن تي غور ڪيو ويندو ۽ حڪومت طرفان چانسيلر کي سفارش ڪئي ويندي.

(4) وائيس چانسيلر ٻيهر واڌ لائق مدي لاءِ چانسيلر طرفان حڪومت جي سفارشن تي پنجن سالن جي مدي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو.

جيئن حڪومت طئي ڪري ۽ حڪومت جي رضا سان عهدو رکي سگهندو.
(5) سينيٽ ان جي ميمبرشپ جي ٽي پاڱي چار طرفان ان سلسلي ۾ ٺهراءَ ذريعي چانسيلر کي نااهلي، بداخلاقي يا طبعي يا ذهني معذوري يا وڏي بدعنواني، بشمول ڪنهن قسم جي ذاتي فائدي لاءِ حيثيت جي غلط استعمال جي وائيس چانسيلر جي هٽائڻ لاءِ سفارش ڪري سگهي ٿي.
بشرطيڪ چانسيلر نااهلي، بداخلاقي يا طبعي يا ذهني معذوري يا وڏي بدعنواني، بشمول ڪنهن قسم جي ذاتي فائدي لاءِ حيثيت جي غلط استعمال وارن واقعن لاءِ سينيٽ کي ريفرنس داخل ڪري سگهي ٿو. ريفرنس تي غور ڪرڻ بعد سينيٽ ان جي ميمبر شپ جي ٻه پاڱي ٽي طرفان ان سلسلي ۾ منظور ڪيل ٺهراءَ موجب چانسيلر کي وائيس چانسيلر جي برطرفي جي سفارش ڪري سگهي ٿي.
بشرطيڪ وڌيڪ ته وائيس چانسيلر خلاف برطرفي جي ٺهراءَ تي راءِ شماري کان اڳ وائيس چانسيلر کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويندو.
(6) وائيس چانسيلر جي برطرفي جي سفارش جو ٺهراءَ چانسيلر کي حڪومت جي ذريعي جمع ڪرايو ويندو. چانسيلر حڪومت جي مشوري تي قدم کڻندو.
(7) ڪنهن به وقت جڏهن وائيس چانسيلر جو عهدو خالي هوندو يا وائيس چانسيلر غير حاضر آهي، يا بيماري يا ڪنهن ٻئي سبب پنهنجا ڪم سرانجام ڏيڻ

جي لائق نہ آهي تہ سينيٽ وائيس چانسيلر جون ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪندي, جيئن اها مناسب سمجهي.

| | |
|---|---|
| 12. (1) يونيورسٽي جو هڪ رجسٽرار هوندو جيڪو سينيٽ طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو. جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | رجسٽرار Registrar |

بشرطيڪ ينويورسٽي جو رجسٽرار وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيو ويندو.

(2)رجسٽرار جي عهدي تي مقرري لاءِ تجربو توڙي پيشورانہ ۽ تعليمي قابليت اهڙيءَ ريت هوندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3)رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ هي ڪم ڪري سگهندو:

(a) يونيورسٽي جي سيڪريٽريٽ جو انتظامي سربراهہ هوندو ۽ يونيورسٽي جي اختيارين کي سيڪريٽريٽ سپورٽ جي فراهمي جو ذميوار هوندو;

(b)يونيورسٽي جي عام مهر ۽ تعيلمي رڪارڊس جو سنڀاليندڙ هوندو;

(c) بيان ڪيل طريقي موجب رجسٽرڊ گريجوئيٽ جو رجسٽر ٺاهيندو;

(d) مختلف اٿارٽيز ۽ ٻين باڊيز ۾ ڄاڻايل طريقي موجب ميمبرن جي چونڊ, مقرري يا نامزدگي جي نظرداري ڪندو; ۽

(e)اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو, جيئن بيان

ڪيو ويو هجي؛

(4) رجسٽرار جي عهدي جو مدو ٻيهر نئين ٽيڙ لائق ٿي سال هوندو:

بشرطيڪ سينيٽ وائيس چانسيلر جي مشوري تي نااهلي يا بدعنواني جي بنياد تي بيان ڪيل طريقيڪار موجب مقرري ختم ڪري سگهي ٿي.

خزانچي
Treasurer

13. (1) يونيورسٽي جو خزانچي سينيٽ طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي مقرر ڪيو ويندو، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي:

(2)خزانچي جي عهدي تي مقرري لاءِ تجربو ۽ پيشورانه ۽ تعليمي قابليت اهڙيءَ ريت هوندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3)خزانچي يونيورسٽي جو ماليات وارو عملدار هوندو ۽ اهو هيٺيان ڪم ڪري سگهندو:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپڪاري سنڀاليندو؛

(b) يونيورسٽي جي ساليانې ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جا ڪاٿا تيار ڪندو ۽ انهن کي ماليات ڪميٽي، سنڊيڪيٽ ۽ سينيٽ جي سامهون پيش ڪندو؛

(c) اها پڪ ڪندو ته يونيورسٽي جا فنڊس انهن مقصدن لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن، جن لاءِ اهي جاري ڪيا ويا آهن؛

(d) يونيورسٽي جا اڪائونٽس ساليانو آڊٽ ڪرائيندو ته جيئن مالي سان ختم ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر سينيٽ کي جمع ڪرائي سگهجي؛ ۽

(e) اهو اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4) خزانچي جي عهدي جو مدو ٻيهر نئين ٽيڙ لائق تي سال هوندو:

بشرطيڪ سينيٽ وائيس چانسيلر جي سفارش تي نااهلي يا بدعنواني جي بنياد تي ڄاڻايل طريقي موجب مقرري ختم ڪري سگهي ٿي.

امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller of Examinations

14. (1) امتحانن جو ڪنٽرولر سينيٽ طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي مقرر ڪيو ويندو، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ امتحانن جو ڪنٽرولر وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيو ويندو.

(2)امتحانن جي ڪنٽرولر جي مقرري لاءِ گهٽ ۾ گهٽ گهربل لياقت اهڙيءَ ريت هوندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) امتحانن جو ڪنٽرولر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ لاڳاپيل انڊر گريجوئيٽ يا پوسٽ گريجوئيٽ امتحان منعقد ڪرائڻ جو ذميوار هوندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4) امتحانن جو ڪنٽرولر ٻيهر نئين ٽيڙ لاءِ ٽن سالن جي مدي لاءِ مقرر ڪيو ويندو:

بشرطيڪ سينيٽ وائيس چانسيلر جي سفارش تي نااهلي يا بدعنواني جي بنياد تي ڄاڻايل طريقيڪار موجب امتحانن جي ڪنٽرولر جي مقرري ختم ڪري

سگهي ٿي.

## باب ـ IV
## يونيورسٽي جون اٿارٽيز
## Chapter_IV
## Authorities of the University

اٿارٽيز
Authorities

15. (1) يونيورسٽي جون هيٺيون اٿارٽيز هونديون:

(a) ايڪٽ ذريعي قائم ڪيل اٿارٽيز:

(i) سينيٽ؛

(ii) سنڊيڪيٽ؛

(iii) اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(b) قانونن ذريعي قائم ڪيل اٿارٽيز:

(i) گريجوئيٽ ۽ ريسرچ مئنيجمينٽ ڪائونسل؛

(ii) شعبي، فيڪلٽي يا يونيورسٽي سطح تي استادن ۽ ٻئي عملي جي مقرري، ترقي، اويلوئيشن ۽ پروموشن ڪميٽيون؛

(iii) هر فيڪلٽي جي ڪيريئر پليسمينٽ ۽ انٽرنشپ ڪميٽي؛

(iv) وائيس چانسيلر جي مقرري لاءِ سرچ ڪميٽي؛

(v) سينيٽ، سنڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جي مقرري لاءِ ريپريزنٽيشن ڪميٽيز؛

(vi) فيڪلٽي ڪائونسل؛ ۽

(vii) ڊپارٽمينٽل ڪائونسل.

(2) سينيٽ، سنڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل ڪنهن به نالي سان اهڙيون ڪميٽيون ۽ ذيلي ڪميٽيون جوڙي سگهن ٿيون، جيئن قانونن يا ضابطن

موجب گھربل هجن. اهڙيون ڪميٽيون يا ذيلي ڪميٽيون هن ايڪٽ جي مقصدن لاءِ يونيورسٽيز جون اٿارٽيز هونديون.

سينيٽ
Senate

16. (1) يونيورسٽي ڪي هلائڻ لاءِ ذميوار باڊي ڪي سينيٽ سڏيو ويندو، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) چانسلر جيڪو سينيٽ جو چيئرپرسن هوندو؛

(b) وائيس چانسلر؛

(c) سرڪار جو هڪ ميمبر جيڪو سنڌ حڪومت جي صحت کاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو يا پيو کو لاڳاپيل کاتو جيڪو يونيورسٽي جي ڏيان جو مرڪز هجي؛

(d) ايڊمنسٽريشن، مئنيجمينٽ، تعليم، اڪيڊمڪس، قانون، اڪائونٽنسي، دوائن، فائين آرٽس، آرڪيٽيڪچر، زراعت، سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ انجنيئرنگ جي شعبن ۾ منفرد معاشري مان چار ماڻهو، اهڙن ماڻهن جي مقرري مختلف شعبن ۾ توازن جي نمائندگي ڪري.

بشرطيڪ يونيورسٽي تي ڏيان يا ان جو الحاق اهڙيءَ ريت ڪيو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي، جيڪي جهلڪ انهن ماڻهن جي تعداد مان محسوس ٿئي، جنهن ڪي يونيورسٽي جي اغراض و مقاصد ۽ ڪارڪردگيءَ جا ماهر هجن ۽ جن ڪي سينيٽ تي مقرر ڪيو ويو آهي.

(e) يونيورسٽي جي الومني منجهان هڪ ماڻهو.

(f) پروفيسر يا ڪاليج جي پرنسپال سطح تي ملڪ

جي اڪيڊمڪ ڪميونٽي جا ٻه ماڻهو سواءِ يونيورسٽي ملازمن جي؛

(g) چار يونيورسٽي استاد؛ ۽

(h) ڪميشن طرفان نامزد ڪيل هڪ ماڻهو.

(2) ذيلي دفعہ هڪ جي شقن (e) کان (h) تائين بيان ڪيل سينيٽ جي ميمبرن جو انگ سينيٽ طرفان قانونن موجب وڌائي سگهجي ٿو پر سينيٽ جي ڪل ميمبر شپ ايڪويهہ کان نہ وڌڻ گهرجي، جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ يونيورسٽي جا پنج استاد هجن ۽ واڌ جيترو ممڪن ٿي سگهي ذيلي دفعہ (1) جي ڄاڻايل مختلف ڪيٽيگريز مان متوازن هجي.

(3) سينيٽ ۾ سموريون مقرريون چانسيلر طرفان حڪومت جي سفارشن تي ڪيون وينديون. ذيلي دفعہ (1) جي شقن (e) کان (f) تائين ۾ ڄاڻايل ماڻهن جون مقرريون هر آسامي لاءِ دفعہ 23 جي شرطن موجب جوڙيل ريپريزنٽيشن ڪميٽي جي سفارش تي ٽن نالن جي پينل منجهان ڪيون وينديون ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ معيار ۽ قابليت تي سمجهوتو ڪرڻ کانسواءِ سينيٽ ۾ عورتن کي جوڳي نمائندگي ڏني ويندي.

بشرطيڪ وڌيڪ تہ ذيلي دفعہ (1) جي شق (g) ۾ بيان ڪيل يونيورسٽي استادن جي سلسلي ۾ سينيٽ هڪ طريقيڪار بيان ڪندي جنهن تحت يونيورسٽي استادن جي مختلف ڪيٽيگريز مان ووٽنگ جي بنيادن تي چونڊبن ذريعي مقرري ڪئي ويندي.

بشرطيڪ سينيٽ متبادل طور بيان ڪري سگهي ٿي
تہ سينيٽ ۾ يونيورسٽي استادن جي مقرري اهڙيءَ ريت
بہ ٿي سگهي ٿي جيئن هن ذيلي دفعہ طرفان ذيلي دفعہ
(1) جي شقن (e) کان (f) تائين ۾ بيان ڪيل ماڻهن لاءِ
چاڙهيو ويو آهي.

(4) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ سينيٽ جا ميمبر، ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا. ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ پهريون دفعو پيهر ٺهندڙ سينيٽ جي ميمبرن جا هڪ پاڱي ٽي، لاٽ ذريعي طئي ڪيو ويندو، چانسيلر طرفان مقرري واري تاريخ کان هڪ سال پورو ٿيڻ تي عهدي تان رٽائر ٿيندا، رهيل ميمبرن مان اڌ، ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ، پهريون پيرو پيهر جوڙيل سينيٽ مان، لاٽ ذريعي طئي ڪيا ويندا، مقرري واري تاريخ کان بہ سال پورا ٿيڻ تي عهدي تان رٽائر ٿيندا ۽ باقي رهيلن مان اڌ، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرن جي، ٽيون سال پورو ٿيڻ تي عهدي تان رٽائر ٿي ويندا.

بشرطيڪ ايڪس آفيشو ميمبر کانسواءِ ڪو بہ ماڻهو ٻن لاڳيتو مدن کان وڌيڪ سينيٽ ۾ خدمتون سرانجام نہ ڏئي سگهندو.

بشرطيڪ وڌيڪ تہ سينيٽ ۾ مقرر يونيورسٽي استاد ٻن لاڳاتار مدن کان وڌيڪ خدمت سرانجام نہ ڏئي سگهندا.

(5) سينيٽ سال دوران گهٽ ۾ گهٽ بہ پيرا گڏجاڻي ڪندي.

(6) سينيٽ ۾ ملازمت عارضي بنيادن تي هوندي:

بشرطيڪ حقيقي خرچ اهڙيءَ ريت پري ڏنا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(7) رجسٽرار سينيٽ جو سيڪريٽري هوندو.

(8) چانسيلر جي غير حاضري ۾، سينيٽ جي گڏجاڻين جي صدارت اهڙي ميمبر طرفان ڪئي ويندي، جيڪو يونيورسٽي جو ملازم يا سرڪاري ملازم نہ هوندو، جيئن چانسيلر وقت بوقت نامزد ڪري. اهڙيءَ ريت نامزد ڪيل ميمبر سينيٽ جو ڪنوينر هوندو.

(9) جيستائين ٻي صورت ۾ هن ايڪٽ موجب بيان نہ ڪيو ويو هجي، سينيٽ جا سمورا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريت راءِ جي بنياد تي ڪيا ويندا. ڪنهن معاملي تي ميمبر هڪ جيترا ورهائجي وڃڻ تي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندڙ کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو.

(10) سينيٽ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ان جي ميمبرشپ جي ہہ ڀاڱي تي برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

**سينيٽ جا اختيار ۽ ڪم**
**Powers and Functions of the Senate**

17. (1) سينيٽ کي يونيورسٽي جي مجموعي نظرداري جا اختيار حاصل هوندا ۽ وائيس چانسيلر ۽ اٿارٽيز کي يونيورسٽي جي سمورن ڪمن لاءِ جوابده رکندي. سينيٽ کي يونيورسٽي جا اهي سمورا اختيار بہ حاصل هوندا جيڪي ڪنهن اٿارٽي يا عملدار لاءِ هن ايڪٽ تحت بيان نہ ڪيا ويا هجن ۽ اهي ٻيا اختيار بہ حاصل هوندا جيڪي هن ايڪٽ تحت ڄاڻايا نہ ويا هجن پريونيورسٽيءَ جي ڪمن جي ڪارڪردگيءَ لاءِ

ضروري هجن.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، سينيٽ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) ڪم جي تجويز ڪيل ساليانو منصوبي، ساليانو ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ، ساليانو رپورٽ ۽ اڪائونٽس جي ساليانو اسٽيٽمينٽ جي منظوري ڏيڻ؛

(b) يونيورسٽي ملڪيت، فنڊس ۽ سيڙپڪاري کي رکڻ، ضابطو رکڻ ۽ انتظام لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ، بشمول غير متحرڪ ملڪيت جي وڪري ۽ خريداري يا طلبي جي منظوري جي؛

(c) يونيورسٽي جي تعليمي پروگرامن جي معيار ۾ لاڳاپي جي نظرداري ڪرڻ ۽ يونيورسٽي جي عام تعليمي معاملن تي نظر رکڻ؛

(d) ڊينس، پروفيسرن، ايسوسيئيٽ پروفيسرن ۽ اهڙن ٻين فيڪلٽي ۽ ايڊمنسٽريٽرن جي مقرري جي منظوري ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(e) يونيورسٽي جي سمورن عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جي مقرري جي شرطن ۽ ضابطن لاءِ اسڪيمون، هدايتون ۽ رهنمائي جوڙڻ؛

(f) اسٽريٽجڪ پلانس جي منظوري ڏيڻ؛

(g) يونيورسٽي جي فنانشل ريسورس ڊولپمينٽ پلانس جي منظوري ڏيڻ؛

(h) سنڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل، جيئن معاملو هجي، طرفان تجويز ڪيل ڊرافٽس، قانونن ۽ ضابطن تي غور ڪرڻ ۽ دفعه 25 ۽ 26 ۾ ڄاڻايل طريقي موجب

انهن کي منهن ڏيڻ؛

بشرطيڪ سينيٽ پاڻمرادو قانون يا ضابطا جوڙي سگهي ٿي ۽ سنڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل، جيئن معاملو هجي، انهن کان مشورو وٺڻ بعد منظوري ڏئي سگهي ٿي.

(i)ڪنهن اٿارٽي يا عملدار جون ڪارروايون جيڪڏهن سينيٽ مطمئن آهي تہ اهڙيون ڪارروايون ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن يا ضابطن موجب نہ آهن، اهڙي اٿارٽي يا عملدار کان سبب معلوم ڪرڻ کانپوءِ تہ ڇو اهڙيون ڪارروايون ختم نہ ڪيون وڃن، لکت ۾ حڪم ذريعي ختم ڪرڻ؛

(j)هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب چانسيلر کي سينيٽ جي ڪنهن ميمبر کي برطرف ڪرڻ لاءِ سفارش ڪرڻ؛

(k) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ سنڊيڪيٽ جا ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(l) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ اڪيڊمڪ ڪائونسل جا ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(m) ناميارا پروفيسر اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(n) ڪنهن شخص کي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبرشپ تان هٽائڻ، جيڪڏهن اهڙو شخص:

(i)دماغي توازن وڃائي ويهي؛ يا

(ii) اهڙي اٿارٽي جي ميمبر طور ڪم ڪرڻ کان نااهل

تي وڃي؛ يا

(iii) قانون جي ڪنهن عدالت طرفان بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ سزا ٻڌائي وئي هجي؛ ۽

(o) يونيورسٽي جي عام مهر جي تحويل ۽ ان جي استعمال جو طريقو طئي ڪرڻ.

(3)سينيٽ ايڪٽ جي گنجائشن موجب پنهنجا سمورا يا ڪي بہ اختيار يا ڪم ڪنهن اٿارٽي، عملدار يا يونيورسٽي جي مين ڪيمپس جي ملازم، يا ان جي اضافي ڪيمپس جي ڪنهن اٿارٽي، ڪميٽي، عملدار يا ملازم کي اهڙي اضافي ڪيمپس جي ڪمن جي بهتري ڪارڪردگيءَ جي مقصد لاءِ منتقل ڪرڻ ۽ ان مقصد لاءِ سينيٽ ايڊيشنل ڪيمپس ۾ نوان عهدا يا آساميون پيدا ڪري سگهي ٿي.

معائنو Visitation

18. سينيٽ شرطن ۽ طريقيڪار موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، يونيورسٽي سان لاڳاپيل معاملن جي معائنو ڪرائي سگهي ٿي.

سنڊيڪيٽ The Syndicate

19. (1) يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ هوندي جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) وائيس چانسلر، جيڪو ان جو چيئرپرسن هوندو؛

(b) يونيورسٽي جي فيڪلٽيز جا ڊينس؛

(c) مختلف شعبن مان ٽي پروفيسرز جيڪي سينيٽ جا ميمبر نہ آهن، يونيورسٽي جي استادن طرفان سينيٽ طرفان بيان ڪيل طريقيڪار موجب چونڊيا ويندا؛

(d) جوڙيل ڪاليجن جا پرنسيپال؛

(e) رجسٽرار؛

(f) خزانچي؛ ۽

(g) امتحانن جو ڪنٽرولر.

(2) ايڪس آفيسو ميمبرن کانسواءِ سنڊيڪيٽ جا ميمبر ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندا.

(3) ذيلي دفعہ (1) جي شق (c) ۾ بيان ڪيل ٽن استادن جي سلسلي ۾، سينيٽ چونڊن جي متبادل طور دفعہ 23 جي شرطن موجب جوڙيل ريپريزنٽيشن طرفان نالن جي پينل جي تجويز ڪرڻ لاءِ طريقو بيان ڪري سگهي ٿي. ريپريزنٽيسن ڪميٽي طرفان تجويز ڪيل ماڻهن جي مقرري سينيٽ طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي ڪئي ويندي.

(4) سنڊيڪيٽ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

(5) سينيٽ سال جي هر ٽہ ماهي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو گڏجاڻي ڪندي.

**سنڊيڪيٽ جا اختيار ۽ ذميداريون**
**Powers and duties of Syndicate**

20. (1) سنڊيڪيٽ يونيورسٽي جي ايگزيڪيوٽو باڊي هوندي ۽ جنهن کي هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب يونيورسٽي جي معاملن ۽ ملڪيت جي انتظام تي عام نظرداري هوندي.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، سنڊيڪيٽ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) ساليانو رپورٽ ۽ ساليانو ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ اهي سينيٽ کي جمع ڪرائڻ؛

(b) يونيورسٽي طرفان متحرڪ ملڪيت جي منتقلي ۽ منتقلي قبول ڪرڻ؛

(c) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(d) يونيورسٽي طرفان حاصل ڪيل يا خرچ ڪيل سمورين رقمن جي اڪائونٽس ۽ يونيورسٽي جي اثاثن ۽ وسيلن جا ڪتاب تيار ڪرڻ؛

(e) ڪنهن نه استعمال ٿيل رقم سميت يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪا رقم ٽرسٽس ايڪٽ، 1882 (1882 جو ايڪٽ II) جي دفعه 20 ۾ بيان ڪيل ڪن سڪيورٽيز ۾ سيڙائڻ ۽ غير منقوله ملڪيت خريد ڪرڻ ۾ يا اهڙي ٻئي ڪنهن طريقي، جيئن اها طئي ڪري، اهڙين سيڙپڪارين جي سلسلي ۾ مليل اختيارن جي سلسلي ۾؛

(f) يونيورسٽي کي منتقل ڪيل ڪنهن ملڪيت يا ڪيل گرانٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين سهڪارن کي حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(g)يونيورسٽي جي صوابديد تي رکيل ڪن فنڊس جو مخصوص مقصدن لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(h) يونيورسٽي لاءِ گهربل عمارتون، لائبريريز، احاطا، فرنيچر، سامان، اوزار ۽ اهڙيون ٻيون گهربل شيون يونيورسٽي جا ڪم جاري رکڻ لاءِ مهيا ڪرڻ؛

(i) رهائش جا هالس ۽ هاسٽلس قائم ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۽ شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽلس يا لاجنگس جي منظوري ڏيڻ يا لائسنس جاري ڪرڻ؛

(j) سينيٽ کي ڪاليجن کي الحاق ڏيڻ ۽ الحاق ختم ڪرڻ جي سفارش ڪرڻ.

(k) سينيٽ کي تعليمي ادارن کي يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخل ڪرڻ يا اهڙيون مراعتون ختم ڪرڻ جي سفارش ڪرڻ.

(l) ڪاليجن ۽ تدريسي شعبن جي جاچ ڪرائڻ.

(m) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسر شپس، اسسٽنٽ پروفيسر شپس، ليڪچرر شپس ۽ ٻيون تدريس جون آساميون پيدا ڪرڻ يا اهڙين آسامين کي سسپينڊ يا ختم ڪرڻ.

(n) اهڙيون انتظامي يا ٻيون آساميون پيدا ڪرڻ، سسپينڊ يا ختم ڪرڻ.

(o) يونيورسٽي جي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جون ذميواريون بيان ڪرڻ.

(p) انهن معاملن تي سينيٽ کي رپورٽ ڪرڻ جن معاملن تي رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو هجي.

(q) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ.

(r) سينيٽ کي جمع ڪرائڻ لاءِ اسٽيچوٽس جا ڊرافٽس تجويز ڪرڻ.

(s) يونيورسٽي جي شاگردن جو چال چلت ۽ نظم و ضبط کي سنڀالڻ.

(t) يونيورسٽي جي بهتر انتظام لاءِ ضروري قدم کڻڻ ۽ اهڙا سمورا اختيار استعمال ڪرڻ جيئن ضروري هجن.

(u) پنهنجا ڪي بہ اختيار ڪنهن اٿارٽي يا عملدار يا

ڪميٽي حوالي ڪرڻ؛ ۽
(v) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن تحت سونپيا ويا هجن يا قانونن موجب سونپي سگهجن ٿا.

اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

21. (1) يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:
(a) وائيس چانسلر جيڪو چيئرپرسن هوندو؛
(b) فيڪلٽيز جا ڊينس يا شعبن جا چيئرمين يا سربراهہ؛
(c) شعبن، ادارن ۽ جوڙيل ڪاليجن جي نمائندگي ڪندڙ پنج ميمبر سينيٽ طرفان بيان ڪيل طريقي موجب چونڊيا ويندا؛
(d) الحاق ٿيل ڪاليجن جا ٻہ پرنسپالس؛
(e) اميريٽس پروفيسرس سميت پنج پروفيسرس؛
(f) رجسٽرار؛
(g) امتحانن جو ڪنٽرولر؛
(h) يونيورسٽي هاسپيٽل يا چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج هاسپيٽل جا ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽس؛ ۽
(i) لائبريرين.
(2) سينيٽ ايڪس آفيشو ۽ چونڊيل ميمبرن ڪانسواءِ اڪيڊمڪ ڪائونسل جا ميمبر مقرر ڪندي ۽ وائيس چانسيلر جي سفارش تي ميمبر مقرر ڪندي؛
بشرطيڪ پنج پروفيسرن ۽ شعبن، ادارن ۽ جوڙيل ڪاليجن جي نمائندگي ڪندڙ ميمبرن جي سلسلي ۾ سينيٽ متبادل چونڊ طور دفعہ 23 جي شرطن موجب

جوڙيل ريپريزنٽيشن طرفان نالن جي پينل جي تجويز ڪرڻ لاءِ طريقو بيان ڪري سگهي ٿي. ريپريزنٽيسن ڪميٽي طرفان تجويز ڪيل ماڻهن جي مقرري سينيٽ طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي ڪئي ويندي.

(3) اڪيڊمڪ ڪائونسل جا ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا.

(4) اڪيڊمڪ ڪائونسل هر ٽه ماهي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو گڏجاڻي ڪندي.

(5) اڪيڊمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

**اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ڪم**
**Powers and functions of the Academic Council**

22.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ باڊي هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب تدريس، اسڪالر شپ، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي ۽ ڪاليجن جي تدريسي سرگرمين کي هٽي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) تعليمي پروگرامن جي معيار سان لاڳاپيل حڪمت عملين ۽ طريقن جي منظوري ڏيڻ؛

(b) تعليمي پروگرامن جي منظوري ڏيڻ؛

(c) شاگردن جي ڪمن بشمول داخلائن، نيڪالي، سزا، امتحانن ۽ سرٽيفڪيٽ ڏيڻ سان لاڳاپيل معاملن لاءِ

حڪمت عملين ۽ طريقن جي منظوري ڏيڻ؛

(d) تدريس ۽ تحقيق جي معيار ڪي يقيني بڻائڻ لاءِ حڪمت عملين ۽ طريقن جي منظوري ڏيڻ؛

(e) بين تعليمي ادارن جي الحاق لاءِ حڪمت عملين ۽ طريقن جي سفارش ڪرڻ؛

(f) سنڊيڪيٽ کي فيڪلٽيز، تدريسي شعبن ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ انتظام لاءِ اسڪيمون تجويز ڪرڻ؛

(g) لاڳاپيل اٿارٽين طرفان نالن جا پينل ملڻ بعد يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ پيپر سيٽرز ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

(h)هر سطح تي يونيورسٽي استادن جي لڳاتار پروفيشنل ترقي لاءِ پروگرام جوڙڻ؛

(i) بين يونيورسٽيز ۽ امتحاني باڊيز جي امتحانن کي يونيورسٽي جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛

(j) اسٽوڊنٽ شپس، اسڪالر شپس، ميڊلس ۽ انعامن جو انتظام ڪرڻ؛

(k) سينيٽ کي پيش ڪرائڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(l) يونيورسٽي جي تعليمي ڪارڪردگي تي سالياني رپورٽ تيار ڪرڻ؛ ۽

(m) اهڙا بيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

ريپريزنٽيشن ڪميٽيز
Representation Committees

23. (1) هن ايڪٽ جي گنجائش موجب قانون موجب سينيٽ، سنڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل ۾ ماڻهن جي مقرري لاءِ سفارش ڪرڻ لاءِ سينيٽ طرفان هڪ

ريپريزنٽيشن ڪميٽي جوڙي ويندي.

(2) سينيٽ ۾ مقررين لاءِ ريپريزنٽيشن ڪميٽي جا ميمبر هيٺين تي مشتمل هوندا:

(a) سينيٽ جا ٽي ميمبر جيڪي يونيورسٽي استاد نہ هجن؛

(b) چاڻايل طريقي موجب يونيورسٽي استادن طرفان انهن منجهان نامزد ڪيل ٻہ ماڻهو؛

(c) اڪيڊمڪ ڪميونٽي مان هڪ ماڻهو، جيڪو يونيورسٽي جو ملازم نہ هجي، پروفيسر يا ڪاليج پرنسپال جي سطح تي يونيورسٽي استادن طرفان چاڻايل طريقي موجب نامزد ڪيو ويندو؛ ۽

(d) سخاوت، ترقياتي ڪم، قانون يا اڪائونٽنسي ۾ تجربو رکندڙ هڪ ناميارو شهري سينيٽ طرفان نامزد ڪيو ويندو.

(3) سنڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل ۾ مقررين لاءِ ريپريزنٽيشن ڪميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) سينيٽ جا ٻہ ميمبر جيڪي يونيورسٽي استاد نہ هجن.

(b) چاڻايل طريقي موجب يونيورسٽي استادن طرفان انهن منجهان نامزد ڪيل ٽي ماڻهو.

(4) ريپريزنٽيشن ڪميٽي جو مدو ٽي سال هوندو؛ بشرطيڪ ميمبر لڳاتار ٻن مدن تائين خدمت سرانجام ڏئي سگهندو.

(5) ريپريزنٽيشن ڪميٽي جا طريقا اهڙيءَ ريت هوندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(6) ٻين ڪن اٿارٽيز طرفان اهڙيون ٻيون ريپريزنٽيشن ڪميٽيز جوڙي سگهجن ٿيون، جيئن يونيورسٽي جي مختلف اٿارٽيز ۽ ٻين باڊيز ۾ ماڻهن جي مقررين جي سفارش لاءِ ضروري هجن.

ڪجهه اٿارٽيز طرفان ڪميٽين جي مقرري
Appointment of committees by certain Authorities

24. (1) سينيٽ، سنڊيڪيٽ، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ ٻيون اٿارٽيز وقت بوقت اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيون جوڙي سگهن ٿيون، جيئن اهي مناسب سمجهن ۽ ماڻهو ڪميٽي جي ميمبر طور مقرر ڪري سگهن ٿيون، جيڪي اهڙين اٿارٽين جا ميمبر نه هجن.

(2) اٿارٽيز جي جوڙڪ، ڪم ۽ اختيار جن لاءِ هن ايڪٽ ۾ خاص گنجائش ناهي اهڙيءَ ريت هوندا جيئن قانونن ۽ ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

## باب _V

## اسٽيچوٽس، ضابطا ۽ قاعدا

## Chapter_V

## Statutes, Regulations and Rules

اسٽيچوٽس
Statutes

25. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، هيٺ بيان ڪيل سمورن معاملن يا انهن مان ڪنهن هڪ لاءِ اسٽيچوٽس جوڙي سگهجن ٿا:

(a) مواد ۽ طريقو جنهن تحت ساليانی رپورٽ وائيس چانسيلر طرفان سينيٽ کي پيش ڪرڻ لاءِ تيار ڪئي ويندي؛

(b) يونيورسٽي فيس ۽ ٻيون چارجز؛

(c) يونيورسٽي جي ملازمن جي پينشن، انشورنس،

گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ جي جوڙجڪ؛

(d) يونيورسٽي جي عملدار، استادن ۽ ٻين ملازمن جي ملازمت جا پي اسڪيل ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا؛

(e) رجسٽرڊ گريجوئيٽس جو رجسٽر تيار ڪرڻ؛

(f) تعليمي ادارن جو الحاق ڪرڻ ۽ الحاق ختم ڪرڻ ۽ لاڳاپيل معاملا؛

(g) تعليمي اداري جي يونيورسٽي جي مراعتن ۾ داخلا يا اهڙين مراعتن کي ختم ڪرڻ؛

(h) فيڪلٽيز، ادارن ۽ ڪاليجن ۽ ٻين اڪيڊمڪ ڊويزنس جو قيام؛

(i) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميواريون؛

(j) شرط جن تحت يونيورسٽي ٻين ادارن يا پبلڪ باڊيز سان تحقيق ۽ صلاحڪاري خدمتن جي انتظامن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛

(k) اميريٽس پروفيسرز جي مقرري جا شرط ۽ اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(l) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت ۽ نظم و ضبط؛

(m) هن ايڪٽ جي شرطن موجب ڪم جاري رکڻ لاءِ ريپريزنٽيشن ڪميٽي جي جوڙجڪ ۽ ان جي ڪم جو طريقو؛

(n) سرچ ڪيمٽي جي جوڙڪ ۽ طريقو جنهن تحت وائيس چانسيلر جي مقرري ڪئي ويندي؛

(o) اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار؛ ۽

(p) هن ايڪٽ تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻا يا هلائڻا آهن.

(2) سنڊيڪيٽ قانونن جو ڊرافٽ سينيٽ کي پيش ڪندي، جيڪا تجويزن تي غور ڪرڻ بعد تبديلين سان يا بنا تبديلين جي منظور ڪري سگهي ٿي يا ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ سنڊيڪيٽ ڏانهن واپس اماڻي سگهي ٿي:

بشرطيڪ ذيلي دفعہ (1) جي شقن (a) ۽ (1) ۾ ڄاڻايل ڪنهن معاملي سان لاڳاپيل قانون سنڊيڪيٽ جي راءِ وٺڻ کانپوءِ سينيٽ طرفان طئي ڪيا ۽ منظور ڪيا ويندا:

بشرطيڪ وڌيڪ تہ سنڊيڪيٽ پنهنجي اختيار ۾ ايندڙ ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ قانون طئي ڪري سگهي ٿي يا ايڪٽ جي شرطن موجب جوڙيل قانون جي سلسلي ۾ ۽ اهڙي قانون جي سنڊيڪيٽ جي راءِ حاصل ڪرڻ کانپوءِ منظوري ڏئي سگهي ٿي.

ضابطا
Regulations

26. (1) هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قانون موجب اڪيڊمڪ ڪائونسل هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن بہ معاملن لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي، جيڪي سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪيا ويندا:

(a) يونيورسٽي جي ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ ڪورسز آف اسٽڊيز;

(b) طريقو جنهن تحت دفعہ 6 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ بيان ڪيل تدريس جو انتظام ڪيو ۽ فراهم ڪئي ويندي;

(c) شاگردن جي يونيورسٽي ۾ داخلا ۽ يونيورسٽي مان

نيڪالي؛
(d) شرط جن تحت شاگردن کي يونيورسٽي جي ڪورسز ۾ امتحانن لاءِ داخلا ڏني ويندي ۽ جيڪي ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ اهل ٿيندا؛
(e) امتحان منعقد ڪرڻ؛
(f) يونيورسٽي جي مختلف ڪورسز ۾ امتحانن ۾ داخلا لاءِ فيس ۽ ٻيون وصوليون جيڪي شاگردن پاران ادا ڪيون وينديون؛
(g) شرط جن تحت ڪو شخص ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ آزادانه تحقيق جاري رکي سگهي ٿو؛
(h) لائبريري جو استعمال؛
(i) فيڪلٽيز شعبن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ؛ ۽
(j) ٻيا سمورا معاملا جيڪي هن ايڪٽ، يا قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيڻا آهن.
(2) ضابطا اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيا ويندا ۽ منظوري لاءِ سنڊيڪيٽ کي پيش ڪيا ويندا، جيڪا ان کي ان کي جمع ڪرايل ضابطا منظور ڪري يا منظوري روڪي يا ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ اڪيڊمڪ ڪائونسل کي واپس اماڻي سگهي ٿي. اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيل ڪو به ضابطو تيستائين موثر نه هوندو جيستائين ان جي سنڊيڪيٽ طرفان منظوري نه ڏني وڃي.
(3) ذيلي شقن (g) ۽ (i) سان هم آهنگي رکندڙ ضابطا ۽ معاملا سنڊيڪيٽ جي اڳواٽ منظوري ڪانسواءِ

سينيٽ کي جمع نہ ڪرايا ويندا.

27. قانونن ۽ ضابطن ۾ واڌاري، ترميم ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ جو طريقيڪار ساڳيو هوندو جيڪو قانونن ۽ ضابطن جي جوڙڻ ۽ ناهڻ لاءِ ترتيبوار بيان ڪيل آهي.

استيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي
Amendment and repeal of statutes and regulations

28. (1) اٿارٽيز ۽ يونيورسٽي جون ٻيون باڊيز هن ايڪٽ، استيچوٽس ۽ ضابطن موجب سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهن ٿيون. يونيورسٽيءَ جي معاملن بابت جن لاءِ ايڪٽ ۾ بيان ناهي ڪيو ويو يا قانونن ۽ ضابطن ۾ بيان ناهي ڪيو ويو، بشمول ڪاوهنوار هلائڻ ۽ گڏجاڻين جو وقت ۽ هنڌ طئي ڪرڻ سميت لاڳاپيل معاملن لاءِ قاعدا جوڙڻ جي.

قاعدا
Rules

(2) قاعدا سنڊيڪيٽ جي منظوري سان موثر ٿي ويندا.

## باب _VI
## يونيورسٽي فنڊ
## Chapter_VI
## University Fund

29. يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ ان جي فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊومينٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي.

يونيورسٽي فنڊ
University Fund

30. (1) يونيورسٽي جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي طريقي رکيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Audit and Accounts

(2) تدريسي شعبا، جوڙيل ڪاليج، ادارا ۽ سنڊيڪيٽ طرفان اهڙيءَ ريت جوڙيل ٻيون سموريون باڊيز قانون

موجب يونيورسٽي جا ڪم هلائيندڙ مرڪز هوندا هر ڪم هلائيندڙ مرڪز جي هيڊ کي ان کي جاري ڪيل بجيٽ مان خرچ جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو: بشرطيڪ خرچ جي هڪ مد مان ٻئي ۾ ترتيب ڏيڻ لاءِ هيڊ آف ڪم هلائيندڙ مرڪز طرفان قانون موجب ري ايپروپريئيشن ڪئي ويندي.

(3) تدريسي شعبن، جوڙيل ڪاليجن ۽ يونيورسٽي جي ٻين يونٽ طرفان ڪنسلٽنسي، تحقيق يا ٻين خدمتن عيوض گڏ ڪيل سمورا فنڊس ٻي صورت ۾ بجيٽ ۾ جاڳايل رقم سان تضاد ڪانسواءِ دستياب بڻايا ويندا، وڌيڪ ڪيل خرچن جي ڪٽوتي ۽ قانوني طريقي ڪانپوءِ، تدريسي شعبي، جوڙيل ڪاليج يا ٻئي يونٽ جي پنهنجي ترقي تي خرچ ڪيا ويندا. اهڙيءَ ريت جمع ڪيل فنڊس جو هڪ حصو يونيورسٽي استادن يا ڪنسلٽنسي، ريسرچ ۽ قانون موجب بيان ڪيل طريقي موجب لاڳاپيل خدمت ۾ تحقيق ڪندڙن لاءِ رکيو ويندو.

(4) ڪو بہ خرچ يوبيورسٽي جي فنڊس مان نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان جي ادائگي لاءِ لاڳاپيل ڪم هلائيندڙ مرڪز جي اڳواڻ طرفان لاڳاپيل قانون موجب بل نہ جاري ڪيو وڃي ۽ خزانچي تصديق ڪري تہ ادائگي ڪم هلائيندڙ مرڪز جي منظور ٿيل بجيٽ مان ڪئي وئي آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو هڪ مد مان ٻئي مد ۾ خرچ ڪيو ويو آهي تہ ان جو اٿارٽيءَ کي اختيار هئو.

(5) يونيورسٽي جي ماليات جي داخلي آڊٽ لاءِ گنجائش جوڙي ويندي.

(6) وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي گنجائشن تحت حڪومت طرفان مقرر ڪيل آڊيٽر طرفان گهربل آڊٽ جي تقاضائن جي تضاد کانسواءِ يونيورسٽي جي اڪائونٽس جو ساليانو آڊٽ اڪائونٽنگ جي مڃيل عام اصولن (GAAP) موجب چارٽرڊ اڪائونٽنس جي ساک رکندڙ فرم طرفان تيار ڪيو ويندو ۽ خزانچي طرفان صحيح ڪئي ويندي. اهڙيءَ ريت تيار ڪيل اڪائونٽس جو ساليانو آڊٽ ڪيل اسٽيٽمينٽ خزانچي پنهنجي دسخط سان آڊيٽر جنرل آف پاڪستان کي پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ جمع ڪرايو ويندو.

(7) آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جا اعتراض، جيڪڏهن ڪي هجن، درستگين سميت جيئن خزانچي ڪري، سنڊيڪيٽ طرفان غور هيٺ آندا ويندا ۽ مالي سال پورو ٿيڻ جي ڇهه مهينن اندر سينيٽ سامهون پيش ڪيا ويندا.

## باب _VII
## عام گنجائشون
## Chapter_VII
## General Provisions

سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to show case

31. سواءِ ان جي ته ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو ٻيو ڪو ملازم جيڪو مستقل عهدو رکندو هجي، ان جو رتبو گهٽايو نه ويندو يا برطرف يا لازمي طور ملازمت مان رٽائر نه ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙو قدم

ڪٽڻ خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

سنڊيڪيٽ کي اپيل ۽ ان طرفان نظرثاني
Appeal to and review by the Syndicate

32. جتي ڪنهن عملدار (سواءِ وائيس چانسيلر جي)، استاد يا يونيورسٽي جي ٻئي ملازم کي سزا جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي يا ان جي ملازمت جي ڄاڻايل شرطن ۽ ضابطن موجب تبديل ڪيو وڃي يا ان جي نقصان پهچائي، ان کي، جتي حڪم وائيس چانسيلر طرفان جاري ڪيو ويو هجي يا ڪنهن ٻئي عملدار يا يونيورسٽي جي استاد طرفان جاري ڪيو ويو هجي، اهڙي حڪم خلاف سنڊيڪيٽ کي اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو، جتي حڪم وائيس چانسيلر طرفان ڪيو ويو هجي، ان کي سينيٽ کي اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو.

يونيورسٽي جي ملازمت
Service of the university

33. (1) اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين، 1973 جي آرٽيڪل 212 جي شرطن تحت جوڙيل ڪنهن عدالت يا ٽربيونل جي مقصد لاءِ يونيورسٽي طرفان قانون موجب بيان ڪيل ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن تحت ملازمت تي رکيل سمورا ماڻهو پاڪستان جي ملازمت ۾ هوندا:

بشرطيڪ پاڪستان جي ملازمت ۾ سمورن ماڻهن جي شرطن ۽ ضابطن جي سلسلي ۾ ڪا گنجائش عام يا پيٽرڻ جوڳي ملازمت جي سلسلي ۾ جيستائين ماڻهن جي ملازمت يونيورسٽي طرفان ڏني وئي هجي اهڙيءَ ريت هلائي ويندي جيئن لاڳاپيل قانونن ۾ بيان ڪيل شرطن ۽ ضابطن ۾ ڄاڻايو ويو هجي.

(2) يونيورسٽي جو ڪو عملدار، استاد يا ٻيو ڪو ملازم اهڙي عمر تي يا ملازمت جون مدو پرو ٿيڻ تي رٽائر ڪندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3)ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ وقت يونيورسٽي استاد جي شرطن ۽ ضابطن جي مخالف ڪا تبديلي نہ ڪئي ويندي.

**فائدا ۽ انشورنس**
**Benefits and insurance**

34. (1) يونيورسٽي پنهنجي عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن جي ڀلائي لاءِ اسڪيمون جوڙيندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي، ملازمت ڪانپوءِ فائدا ڏيڻ جي سلسلي ۾ توڙي ملازمت دوران صحت ۽ لائيف انشورنس جون سهولتون ڏيڻ جي سلسلي ۾ اسڪيمون جوڙيندي.

(2) جتي ڪو پرووبڊنٽ فنڊ هن ايڪٽ تحت قائم ڪيو ويو هجي، پرووبڊنٽ فنڊس ايڪٽ، 1925 جون گنجائشون اهڙي فنڊ تي لاڳو ٿينديون، جيئن اهو گورنمينٽ پرووبڊنٽ فنڊ هجي.

**اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات**
**Commencement of term of office of members of Authorities**

35. (1) جڏهن نئين جوڙيل اٿارٽي جو ميمبر چونڊيو، مقرر ڪيو يا نامزد ڪيو ويو هجي، ان جي عهدي جو مدو ايترو هوندو جيئن هن ايڪٽ ۾ طئي ڪيو ويو هجي، اهڙي تاريخ کان شروع ٿيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڪو ميمبر جنهن ڪا اسائنمينٽ قبول ڪئي هجي يا ٻئي سبب جي ڪري يونيورسٽي کان اهڙي عرصي لاءِ غير حاضر رهي ٿو، جيڪو ڇهہ مهينن کان گهٽ نہ هجي تہ ان کي استعيفيٰ ڏنل سمجهيو ويندو ۽ ان جي سيٽ خالي سمجهي ويندي.

**اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي**
**Filling of Casual Vacancies in authorities**

36. ڪنهن اٿارٽي جي چونڊيل، مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ميمبرن ۾ ڪنهن عارضي آسامي کي ان شخص، شخصيتن يا باڊي طرفان جنهن ان ميمبر کي چونڊيو، مقرر يا نامزد ڪيو هو، جيترو جلد ٿي سگهي ڀريو ويندو ۽ آسامي تي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل شخص اهڙي اٿارٽي جو رهيل عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو، جنهن شخص جي جاءِ تي اهو اٿارٽي جو ميمبر ٿيو آهي.

**اٿارٽيز جي جوڙجڪ ۾ خرابيون**
**Flaws in the constitution of Authorities**

37. جتي هن ايڪٽ تحت جوڙيل اٿارٽي ۾ ڪا خامي هجي، چاڪاڻ ته حڪومت يا تنظيم، اداري يا يونيورسٽي کان ٻاهر ڪنهن ٻي باڊي ذريعي ختم ڪئي وئي هجي يا ڪم کان روڪي وئي هجي، يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري اها غير فعال ٿي وئي هجي، اهڙي خامي اهڙيءَ ريت ختم ڪئي ويندي جيئن سينيٽ هدايت ڪري.

**اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر ٿيڻ**
**Proceedings of the Authorities and invalidated by vacancies**

38. ڪنهن اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي، ٺهراءُ يا فيصلو ڪندڙ پاس ڪندڙ جاري ڪندڙ اٿارٽي ۾ موجود ڪنهن آسامي جي ڪري غير موثر نه ٿيندو يا اٿارٽي ۾ ڪنهن ڊي فيڪٽو ميمبر جي چونڊ، مقرري يا نامزدگي ۾ قابليت يا غير موجودگي سبب غير موثر نه ٿيندو، پوءِ اهو حاضر هجي يا غير حاضر هجي.

**فرسٽ اسٽيچوٽس ۽ ضابطا**
**First Statutes and regulations**

39. جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، سنڌ جو گورنر پهريان قانون ۽ ضابطا نافذ ڪري سگهي ٿو جيڪي دفعات 25 ۽ 26 تحت جوڙيل قانون ۽ ضابطا سمجهيا ويندا ۽ تيستائين لاڳو رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم نه ڪئي وڃي يا انهن کي

تبديل نہ ڪيو وڃي يا اهڙي وقت تائين جيستائين ايڪٽ جي گنجائشن موجب نوان قانون ۽ ضابطا جوڙيا نہ وڃن.

**رنڊڪون هٽائڻ**
**Removal of difficulties**

40. (1) جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن جي لاڳو ٿيڻ جي سلسلي ۾ ڪو سوال اٿي ٿو تہ اهو چانسيلر جي سامهون رکيو ويندو، جنهن جو ان سلسلي ۾ فيصلو حتمي هوندو.

(2)جڏهن هن ايڪٽ جون گنجائشون لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي تہ چانسيلر سينيٽ جي راءِ حاصل ڪرڻ بعد اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيڪو ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجي، جيڪو رنڊڪ هٽائڻ لاءِ اهو ضروري سمجهي.

(3)جتي ايڪٽ ۾ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ گنجائشن جوڙي وڃي پر ڪا گنجائش يا جوڳي گنجائشن ان سلسلي ۾ نہ جوڙي وڃي تہ ڪهڙي اٿارٽي طرفان، يا ڪهڙي وقت تي، يا ڪهڙي طريقي اهو ڪم ڪيو وڃي تہ اهو اهڙيءَ ريت اهڙي اٿارٽي طرفان ۽ اهڙي وقتي تي يا اهڙي طريقي ڪيو ويندو جيئن چانسيلر سينيٽ جي راءِ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ هدايت ڪري.

**ضمانت**
**Indemnity**

41. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اختياري يا حڪومت جي ملازم يا يونيورسٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

**سرڪار، ٻين يونيورسٽيز يا**

42. (1) جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ

تعليمي يا تحقيقي ادارن جي ملازمن جي يونيورسٽي ۾ مقرري جي اجازت جو اختيار

Power to allow appointment of employees of Government, other universities or educational or research institutions to the University

هجي سينيٽ سنديڪيٽ جي مشوري تي يونيورسٽي ۾ ڪنهن آسامي تي حڪومت جي ملازم يا ٻي ڪنهن يونيورسٽي يا تعليمي يا تحقيقي اداري جي ملازم ذريعي ڀرتي جي اجازت ڏئي سگهي ٿي، اهڙين شرطن تي جيئن سينيٽ بيان ڪري.

(2) جتي ڪا مقرري هن دفعہ تحت ڪئي وئي آهي تہ اهڙي مقرر ڪيل جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا ان کي اهڙي مقرري کان اڳ ڏنا ويندڙ شرط ۽ ضابطن کان گهٽ فائديمند نہ هوندا.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**